شجرهٔ عاليه قادريه رضويه عطاريه جي هڪ بزرگ جو تذڪرو

# فيضانِ شيخ ابوبڪر شبلي رحمۃ اللہ علیہ

سنڌي




درود و سلام جي عاشق جو مقام

چار هزار حديثن مان صرف هڪ ؟

وصال شريف وقت به سنت تي عمل

شيخ شبلي جا ڪجھ فرمان

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: فيضان شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضان شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# فيضان شيخ ابوبکر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

دعاء عطار: ياربّ المصطفٰي! جيڪو به مڪمل رسالو”فيضان شيخ ابوبکر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه “ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي دنيا جي محبت کان بچاءِ، اخلاص سان نيڪيون ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ بي حساب جنت الفردوس ۾ داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

سلسله قادريه عطاريه جا مشهور بزرگ حضرت شيخ ابوبکر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون پنهنجي مري ويل پاڙيسري کي خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: الله پاڪ اوهان سان ڇا معاملو فرمايو؟ ان چيو: مون وڏين سختين کي منهن ڏنو، منڪر نڪيرن (قبر ۾ امتحان وٺڻ وارن ملائڪن) جا سوال جواب به نه پئي ڏئي سگهيس، مون دل ۾ خيال ڪيو ته شايد منهنجو خاتمو ايمان تي نه ٿيو! ايتري ۾ آواز آيو: دنيا ۾ زبان جي غير ضروري استعمال جي ڪري توکي هي سزا ڏني پئي وڃي. هاڻي عذاب جا ملائڪ منهنجي طرف وڌيا، ايتري ۾ هڪ صاحب جيڪو نهايت خوبصورت ۽ خوشبودار هيو، اهو منهنجي ۽ عذاب جي وچ ۾ اچي ويو ۽ ان مون کي منڪر نڪيرن جي سوالن جا جواب ياد ڏياريا ۽ مون انهي طرح جواب ڏنا، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عذاب مون کان پري ٿي

ويو. مون ان بُزرگ کي عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان تي رحم فرمائي اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: مان توهان جي گهڻو درود شريف پڙهڻ جي برڪت سان پيدا ٿيو آهيان ۽ مون کي هر مصيبت جي وقت تنهنجي مدد ڪرڻ جي ذميداري ڏني ويئي آهي.[1]

آپ کا نامِ نامی اے صلِّ علیٰ | ہر جگہ ہر مصیبت میں کام آگیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب | صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قبر ۾ آقا چونڊا اچي سگهن!

سبحان الله! درود شريف جي ڪثرت جي برڪت سان مدد ڪرڻ جي لاءِ قبر ۾ جڏهن ملائڪ اچي سگهن ٿا ته تمام ملائڪن جا به آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم جو نٿا فرمائي سگهن! ڪنهن بلڪل سچ چيو آهي.

میں گور اندھیری میں گھبراؤں گا جب تنہا | اِمداد مری کرنے آجانا مرے آقا
روشن مِری تُربت کو لِلّٰہ شہا کرنا | جب وقتِ نزع آئے دیدار عطا کرنا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب | صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عاشق درود ۽ سلام جو مقام

اي عاشقانِ رسول! اوهان درود شريف جي برڪت ڏٺي؟ ڪاش! اسان به درود شريف پڙهندا ڪيون. سلسلي عاليه قادريه جي ٻارهين پيرومرشد، حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو بارگاهِ رسالت ۾ جيڪو مقام

[1] القول البديع، ص 260

هيو ان جو اندازو هن واقعي مان لڳايو. حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڏينهن بغداد شريف جي وڏي عالم حضرت ابوبڪر بن مجاهد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ تشريف کڻي آيا ته انهن يڪدم اٿي کين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي ڪري نهايت تعظيم سان پاڻ وٽ ويهاريو، حاضرين عرض ڪيو: ياسيدي اوهان ۽ اهل بغداد ڪالهه تائين هن کي ديوانو چوندا رهيا پر هاڻي انهن جي ايتري قدر تعظيم چو؟ جواب ڏنائون: مون ايئن ئي ٿوري ڪيو آهي؟ الحمدلله! اڄ رات مون خواب ۾ هيءُ ايمان افروز منظر ڏٺو ته ابوبڪر شبلي بارگاهه رسالت ۾ حاضر هيا، سرڪار دوعالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿي ڪري کين سيني سان لڳايو ۽ پيشاني چمي ڪري پنهنجي پرسان ويهاري ڇڏيو، مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! شبلي تي ايتري قدر شفقت جي وجهه؟ الله پاڪ جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (غيب جي خبر ڏيندي) فرمايو ته هي هر نماز کان بعد هي آيت پڙهندو آهي.

﴿لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾﴾

۽ ان کان بعد مون تي درود شريف پڙهندو آهي.[1]

بے عدد اور بے عدد تسلیم
بے شُمار اور بے شُمار دُرُود

بیٹھتے اُٹھتے جاگتے سوتے
ہو اِلٰہی مرا شِعار دُرُود

(ذوقِ نعت، ص 124)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب
صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] القول البديع ص 346

## شجرو قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ ذڪرِ خير

شيخ طريقت امير اهل سنت، باني دعوت اسلامي حضر علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري پنهنجي مريدن ۽ طالبن کي روزانو پڙهڻ جي لاءِ بزرگانِ دين جو جيڪو شجرو عطا فرمايو آهي ان ۾ حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وسيلي سان هيئن دعا ڪئي وئي آهي:

بہرِ شبلی شیرِ حق دُنیا کے کُتّوں سے بچا　　ایک کا رکھ عبدِ واحِد بے رِیا کے واسطے

**الفاظ ۽ معنيٰ:** بهر: واسطو. شيرحق: الله پاڪ جو شير. دنيا ڪي ڪتي: دنيا جي حرص. بي ريا: مخلص بانهو

**دعائيہ شعر جو مفهوم:** اي الله پاڪ! حضرت ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيڪو تنهنجو نيڪ ۽ پرهيزگار بانهو ۽ شير آهي، انهن جي واسطي مون کي دنيا جي حريصن ۽ لالچين کان بچاءِ. مون کي سندن خليفي عبدالواحد تميمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي صدقي هڪ دَر جو مخلص غلام بڻاءِ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عربي شجرو

عظيم عاشق صحابہ و اهل بيت، امام اهل سنت اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڊگهو عربي شجرو، درود شريف جي طرز تي تحرير فرمايو آهي، ان ۾ حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو ذڪر هن طرح ڪن ٿا:

”اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمْ وَعَلَى الْمَوْلَى الشَّيْخِ اَبِيْ بَكْرِنِ الشِّبْلِيِّ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ“

**ترجمو:** اي الله پاڪ ! تون حضور پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي، سندن آل ۽ اصحاب تي ۽ حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تي درود و سلام

موڪلِ ۽ برڪت نازل فرماءِ.[1]

## شيخ شبلي جو تعارف ۽ ولادت

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ الله عَلَيْه جي ولادت 247ھ ۾ بغداد شريف جي ويجهو ”سامره“ نالي علائقي ۾ ٿي. سندن نالو مبارڪ ”جعفر“ ۽ ڪنيت ”ابوبڪر“ آهي. شبلہ يا شبيلہ جي علائقي ۾ رهڻ جي ڪري ڪيس”شبلي“ چيو وڃي ٿو.[2]

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي الله پاڪ جي نالي سان تمام گهڻي محبت هئي، ڪٿي لفظ ”الله“ لکيل ڏسندا هئا ته يڪدم چمي وٺندا هئا.[3]

الله پاڪ سندن اکين تان پڙدا هٽائي ڇڏيا هئا پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان بازار ويندو هيس ته اتي ماڻهن جي پيشانين تي خوش بخت ۽ بدبخت لکيل پڙهي وٺندو هيس.[4]

## بادشاهي لباس

حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ الله عَلَيْه 30 سال علم دين حاصل ڪري فقہ ۽ حديث ۾ بلند مقام ماڻيو. پاڻ رَحْمَةُ الله عَلَيْه مالڪي هيا، حديث پاڪ جي مشهور ڪتاب ”مُوطّا امام مالڪ“ ڪين زباني ياد هئي.[5]

سندن والدِ محترم بادشاه جي طرفان هڪ علائقي ۾ امير مقرر هيو. علمِ دين حاصل ڪرڻ کان بعد ڪين بہ والد محترم وانگر نهاونَد(علائقي) جي گورنري جو عهدو مليو. هڪ ڀيري بادشاه تمام

---

[1] تاريخ و شرح شجرهٔ قادريہ برڪاتيہ رضويہ ،ص 109
[2] تذڪرهٔ مشائخ قادريہ رضويہ، ص 202
[3] مسالڪ السالڪين، 1/ 318
[4] تذڪرة الاولياء،2/ 141
[5] تذڪرهٔ مشائخ قادريہ رضويہ، ص 202

اميرن کي پاڻ وٽ سڏرائي قيمتي لباس سان نوازيو. اتفاق سان هڪ اَمير کي ڇنڇ آئي ان بادشاھ جي طرفان مليل لباس سان نڪ صاف ڪيو، باشاھ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ان کيس معزول ڪري ڪائنس لباس واپس ورتو. حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بادشاھ وٽ تشريف آڻي فرمايائون: اي بادشاھ! تون هڪ مخلوق آهين، جيڪڏهن تون پنهنجي ڏنل انعام جي بي ادبي پسند نٿو ڪرين تہ سڄي جهان جي مالڪ ۽ موليٰ مون کي پنهنجي دوستي جي نعمت سان نوازيو آهي اهو ڪيئن پسند ڪندو تہ مان اُن جي هن عظيم نعمت کي ضايع ڪيان!

اهو ٻڌي ڪري پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عهدي کي خيرآباد چئي ڪري حضرت خيرالنّساج رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي محفل ۾ حاضر ٿي توبہ تائب ٿيا. انهن کيس وقت جي تمام وڏي ولي ڪامل بلڪ ولين جي سردار حضرت ابو القاسم جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو. پاڻ سندن هٿ تي بيعت ڪري خوب عبادت ۽ رياضت ڪئي پوءِ کيس خلافت کان بہ نوازيو.[1]

اُن کا منگتا پاؤں سے ٹھکرادے وہ دنیا کا تاج　　جس کی خاطر مَر گئے مُنعَم رگڑ کر ایڑیاں[2]

**الفاظ ۽ معنيٰ**: دنيا کا تاج: عهدو ۽ منصب. منعم: نعمتن وارو

**شرح ڪلامِ رضا**: منهنجي آقا اعليٰ **حضرت** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه **جي** هن شعر جو مطلب آهي: بارگاھ رسالت جو فقير دراصل سيني کان وڏو اَمير آهي اهو دنيا جي وڏن وڏن عهدن جنهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ماڻهو زندگي بہ داءُ تي لڳائي ڇڏيندا آهن، انهن کي پنهنجي پيرن جي ڌوڙ

---

[1] شريف التواريخ، 583/1، 584 ملتقطاً.مسالک السالکين، 316/1 ملخصاً
[2] حدائقِ بخشش، ص 86

سمجهندو آهي. ڪنهن شاعر ڇاته خوب چيو آهي:

میں بڑا امیر و کبیر ہوں شہ دوسرا کا اَسیر ہوں
درِ مصطفٰے کا فقیر ہوں میرا رفعتوں پہ نصیب ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب    صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## احسان جو بدلو

حضرت ابوبڪر شبلي بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڏينهن پنهنجي چاليهه مريدن جي قافلي سان گڏ بغداد کان ٻاهر تشريف کڻي آيا، هڪ مقام تي پهچي ڪري پاڻ فرمايائون: اي انسانو! الله پاڪ پنهنجي ٻانهن جي رزق جي ڪفالت ڪرڻ وارو آهي، پوءِ پاڻ سيپاري 28 سورت الطَّلاق جي ٻي ۽ ٽي آيت ڪريمه جو هي حصّو تلاوت فرمايو:

وَ مَنۡ یَّتَّقِ اللّٰہَ یَجۡعَلۡ لَّہٗ مَخۡرَجًا ۙ﴿۲﴾ وَّ یَرۡزُقۡہُ مِنۡ حَیۡثُ لَا یَحۡتَسِبُ ؕ وَ مَنۡ یَّتَوَکَّلۡ عَلَی اللّٰہِ فَہُوَ حَسۡبُہٗ ؕ
(پ28، الطلاق:3،2)

ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪو الله کان ڊڄي الله ان جي لاءِ نڪرڻ جو رستو ٺاهي ڇڏيندو. ۽ ان کي اُتان روزي ڏيندو جتان ان جو گمان به نه هوندوءِ جيڪو الله تي ڀروسو ڪري ته اهو ان کي ڪافي آهي.

هي فرمائڻ کان بعد مريدن کي اُتي ڇڏي ڪري پاڻ ڪٿي تشريف کڻي ويا. تمام مريد ٽي ڏينهن تائين اُتي بکايل رهيا. چوٿين ڏينهن حضرت ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه واپس تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: اي انسانو! الله پاڪ ٻانهن کي رزق تلاش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

(جيئن تہ سيپاري 29 سوت الملڪ جي آيت نمبر 15 ۾) ارشاد ٿئي ٿو:

هُوَ الَّذِيۡ جَعَلَ لَكُمُ الۡاَرۡضَ ذَلُوۡلًا فَامۡشُوۡا فِيۡ مَنَاكِبِهَا وَكُلُوۡا مِنۡ رِّزۡقِهٖ ؕ

ترجمو ڪنز العرفان: اهو ئي آهي جنهن توهان جي لاءِ زمين تابع ڪري ڇڏي تہ ان جي رستن مان هلو ۽ الله جي روزي مان کائو

انهي ڪري توهان پاڻ مان ڪنهن کي موڪليو، اُميد آهي تہ اهو ڪجهہ نہ ڪجهہ کاڌو ڪٺي ايندو. مريدن هڪ غريب شخص کي بغداد موڪليو، اهو گهٽي گهٽي ڦرندو رهيو، پر روزي ملڻ جو ڪو وسيلو پيدا نہ ٿيو، ٿڪجي هارجي هڪ هنڌ ويهي رهيو، ويجهو ئي هڪ غِير مسلم طبيب جو دواخانو هيو، اهو طبيب نس ڏسڻ جو ماهر هيو، صرف نس ڏسي ڪري مريض جي حالت سڃاڻي وٺندو هيو، سڀئي هليا ويا تہ ان هن الله واري کي بہ مريض سمجهي ڪري سڏيو ۽ نس ڏسي ڪري ماني ڀاڄي ۽ حلوو گهرايو ۽ پيش ڪندي چيو: توهان جي مرض جي هيءَ ئي دوا آهي. درويش طبيب کي چيو: اهڙا 40 مريض ٻيا بہ آهن. طبيب غلامن جي ذريعي 40 ماڻهن جي لاءِ اهڙو ئي کاڌو گهرائي الله واري سان گڏ روانو ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ بہ لڪي ڪري پٺيان هلڻ لڳو. جڏهن شيخ ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ کاڌو پيش ڪيو ويو تہ کاڌي ۾ هٿ نہ لڳايائون ۽ فرمايائون: اي الله پاڪ جا ٻانهؤ! هن کاڌي ۾ تہ عجيب راز لڪيل آهي، کاڌو آڻڻ واري سچو واقعو ٻڌايو. شيخ فرمايو: هڪ غير مسلم اسان سان ايترو چڱو سلوڪ ڪيو آهي، ڇا اسان ان جو بدلو ڏيڻ بغير ايئن کاڌو کائي ڇڏيون؟ مُريدن عرض ڪيو: عاليجاهہ! اسان غريب ماڻهو ان کي ڇا ٿا ڏئي سگهون؟ حضرت شيخ ابوبڪر شبلي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه

فرمايو: ڪاڏي ڪان پهريان ان جي حق ۾ دعا ته ڪري سگهو ٿا، جيئن ته دعا ڪيائون ته دعا جي هٿون هٿ برڪت ظاهر ٿي جو اهو غير مسلم طبيب جيڪو لڪي سيئي ڳالهيون ٻڌي رهيو اُن جي دل ۾ انقلاب برپا ٿي ويو. توبه ڪري، ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويو ۽ ان يڪدم پنهجي پاڻ کي شيخ شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي مريدن جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو، بلند مقام تي پهچي ويو.[1] الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿي. .

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## غير مسلم طبيب مسلمان ٿي ويو

هڪ غير مسلم طبيب کي اسلام ۾ داخل ڪرڻ جو حيرت انگيز واقعو پڙهو. حضرت ابوبڪر شِبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ ڀيري بيمار ٿي پيا، ماڻهو علاج جي لاءِ شِفا خاني وٺي ويا. بغداد جي وزير علي بن عيسيٰ سندن حالت ڏٺي ته يڪدم بادشاهه ڪان رابطو ڪيو ته جيئن هُو ڪو ماهر طبيب موڪلين. بادشاهه هڪ غير مسلم ماهر طبيب کي علاج جي لاءِ موڪليو، ان وڏي توجه سان علاج ڪيو پر ڪو فائدو نه ٿيو، هڪ ڏينهن طبيب چيو: اي شِبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه! جيڪڏهن مون کي اها خبر پئجي وڃي ته منهنجي بدن جي ڪنهن ٽڪري ۾ اوهان جو علاج آهي ته اوهان جي لاءِ مون کي پنهنجو عضو ڪٽڻ ۾ ڪو انڪار ناهي، حضرت شِبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: منهنجو علاج ان ڪان به گهٽ شيءِ ۾ آهي، ان پڇا ڪئي: اها ڪهڙي شيءِ آهي؟ فرمايائون ته

[1] روض الرياحين، ص 157ملخصاً

تون مسلمان ٿي وڃ. ان شاء الله انهيءَ خوشي جي ڪري منهنجو مرض ختم ٿي ويندو، طبيب اهو ٻڌي ڪري ڪُفر ڪان توبہ ڪئي ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو، انهيءَ جي مسلمان ٿيڻ تي حضرت شيخ شِبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تندرست ٿي ويو.

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

امام عشق و محبت اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي فارسي ڪلام ۾ حضرت ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي بارگاھ ۾ عرض ڪن ٿا:

شبلیا اے شبلِ شیرِ کبریا اِمداد کُن

(حدائقِ بخشش، ص 329)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! دين اسلام هڪ سچو مذهب آهي، جيڪو عين فطرتِ انساني جي مطابق آهي. غِير مسلمن کي اسلام جي طرف سڏڻ، تمام نبين، رسولن جي سنت آهي، ڇوته تمام نبين کي دنيا ۾ موڪلڻ جو مقصد ماڻهن کي ڪفر جي انڌيرن مان ڪڍي ڪري دينِ اسلام جي نور ۾ داخل ڪرڻ هيو. هن واقعي مان **حضرت شيخ** شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي نيڪي جي دعوت جي زبردست فڪرمندي به نظر اچي رهي آهي. غير مسلم جي مسلمان ٿيندي ئي پاڻ خوشي مان تندرست ٿي ويا. ڇڻ ته جسماني علاج جي ارادي سان آيل هڪ روحاني جسماني بيمار کي ڪفر جي انڌيري مان ڪڍي ڪري اسلام جي دولت سان نوازي ڪري فيضاب ڪرٺو هيو. سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ جي سنتن سکڻ سيکارڻ جي مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جو ذهن بڻايو. غير مسلمن کي مسلمان ۽ بگڙيل مسلمانن کي نيڪ بڻائڻ جو سامان ڪيو.

ڪافر آجائیں گے، راہِ حق پائیں گے　　اِن شاءَ الله چلیں، قافلے میں چلو

## سنت تي عمل جو جذبو

حضرت عبدالوهاب شعراني رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه لکن ٿا: هڪ ڀيري حضرت ابو بڪر شبلي بغدادي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کي وُضو جي وَقت مِسواڪ جي ضَرورت پئي، ڳولا ڪيائون پر ڪانه ملي، تنهنڪري هڪ دِينار (سوني سِڪي) ۾ مِسواڪ خريدي اِستِعمال ڪيائون. ڪن ماڻهن چيو: اهو ته اوهان تمام گهڻو خرچ ڪري ورتو! ڇا ايتري به مسواڪ مهانگي وڪبي آهي؟ فرمايائون : بيشڪ اها دنيا ۽ ان جون تمام شيون الله پاڪ جي ويجهو مڇر جي پر جي برابر به حيثيت نٿيون رکن ، جيڪڏهن بروزِ قِيامت الله پاڪ مون کان اهو پڇي ورتو ته تو منهنجي پياري حبيب جي سنّت مِسواڪ جو ڇڏي ڏني؟ جيڪو مال و دولت مون توکي ڏنو هو ، ان جي حقيقت ته مون وٽ مڇر جي پر برابر به نه هئي ، پوءِ تو آخر اهڙي حقير دولت هن عظيم سنّت مِسواڪ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇو خرچ نه ڪئي؟[1]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## رقّت انگيز حج

حضرت شيخ شبلي رَحۡمَةُ اللّٰہ عَلَيۡه جڏهن حج جي لاءِ عرفات شريف پهتا ته بلڪل چپ رهيا، سج لهڻ تائين ڪوبه لفظ وات مان نه ڪڍيو، جڏهن

[1] لواقح الانوار ، ص 38ملخصاً

سعي دوران ميلين اَخضرين کان اڳتي وڌيا تہ اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، روئيندي سندن عربي ۾ شعر پڙهيا جن جو ترجمو هي آهي.

(1) مان هلان پيون ان حال ۾ جو مون پنهنجي دل تي تنهنجي محبت جي مُهر لڳائي رکي آهي تہ جيئن هن دل تي توکان سواءِ کنهن جو گذر نہ ٿي.

(2) اي ڪاش! مون ۾ هي استقامت هجي ها تہ مان پنهنجي اکين کي بند رکان ها ۽ ان وقت تائين کنهن کي نہ ڏسان ها جيستائين توکي نہ ڏسي وٺان ها.

(3) جڏهن اکين مان ڳوڙها نکري ڳلن تي وهڻ لڳندا آهن تہ ظاهر ٿي ويندو آهي تہ کير واقعي روئي رهيو آهي ۽ کنهن جو روئڻ بناوٽي آهي.[1] الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بادشاھ جو علاج

الله وارن جسماني امراض ۽ دنياوي مسئلن کان گهبرائيدا ناهن بلڪ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم چاهين تہ الله پاڪ جي عطا سان وڏن وڏن بيمارن جن کي ڊاڪٽر جواب ڏئي ڇڏيندا آهن، اک چنبي ۾ نيڪ ڪري ڇڏين جيئن هڪ ڀيري خليفو هارون رشيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيمار ٿي پيو، تمام گهڻو علاج ڪرايو پر شفا نہ ملي سگهي، انهي حالت ۾ ڇهہ مهينا گذري ويا. هڪ ڏينهن کين خبر پئي تہ حضرت شيخ شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن محل پرسان لنگهي رهيا آهن تہ هارون رشيد کين پاڻ وٽ تشريف کڻي اچڻ

[1] روض الرياحين، ص 100

جي درخواست ڪئي. جڏهن پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه تشريف ڪٽي آيا تہ ڪيس ڏسي ڪري ارشاد فرمايائون: فڪر نہ ڪيو الله پاڪ جي رحمت سان اڄ ئي آرام اچي ويندو. پوءِ پاڻ درود پاڪ پڙهي ڪري بادشاھ جي جسم تي هٿ ڦيريو تہ هُو انهي وقت تندرست ٿي ويو.[1] اهڙن ئي بزرگن جي باري ۾ ڊاڪٽر اقبال لکيو آهي.

نہ پوچھ ان خرقہ پوشوں کی، ارادت ہو تو دیکھ ان کو
ید بیضاء لئے بیٹھے ہیں اپنی آستینوں میں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دين محمدي جا جلوا

حضرت شيخ شبلي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمايو: مان هڪ ڀيرو مڪي شريف کان ملڪ شام وڃي رهيو هيس، رستي ۾ منهنجي ملاقات هڪ راهب (يعني عيسائين جي عالم) کان ٿي. اهو هڪ گرجا(يعني پنهنجي عبادت خاني) ۾ هيو. مون ان کان پڇيو: تون ماڻهن کان الڳ ٿي ڪري هن گرجا ۾ ڇو وينو آهين؟ ان جواب ڏنو: مان هتي اڪيلو انهي ڪري رهندو آهيان تہ جيئن وڌ کان وڌ عبادت ڪري سگهان ۽ دنيا جا ڪم منهنجي عبادت ۾ رڪاوٽ نہ بڻجي سگهن. مون پڇيو: تون ڪنهن جي عبادت ڪندو آهين: ان جواب ڏنو: حضرت عيسي عَلَيۡهِ السَّلَام جي، مون چيو: ڇا سبب آهي جو تو معبودِ حقيقي الله پاڪ جي عبادت ڇڏي ڪري ان جي نبي عَلَيۡهِ السَّلَام جي عبادت ڪرين ٿو حالانڪ عبادت جو لائق تہ صرف ۽ صرف "الله" آهي؟ ان چيو: حضرت عيسي عَلَيۡهِ السَّلَام چاليھ ڏينهن ۽ راتيون بغير ڪائڻ ۽ پيئڻ جي گذاري ڇڏيون. مون ان کان

[1] راحت القلوب( فارسی)، ص 50

پڇيو: جيڪو شخص چاليھ ڏينهن بکيو پياسو رهي گذاري تہ ڇا اهو ”خدا“ بڻجي ويندو آهي؟ ان چيو: هائو! پاڻ ان کي فرمايائون: مان هتي توسان گڏ رهان ٿو تون ڪٽيندو وڃ تہ مان ڪيترا ڏينهن بکيو پياسو رهي سگهان ٿو، جيئن تہ مان ڏينهن رات الله پاڪ جي عبادت ۾ مشغول رهندو هيس، نہ ڪجھ کائيندو هيس نہ پيئندو هيس، اهڙي طرح جڏهن چاليھ ڏينهن ۽ چاليھ راتيون گذري ويون تہ مون ان کي چيو: جيڪڏهن تون چاهين تہ مان وڌيڪ ڪجھ ڏينهن بکيو اجارو رهي سگهان ٿو. راهب جڏهن منهنجي هيءَ حالت ڏٺي تہ پڇيائين: تنهنجو ڪهڙو دين آهي؟ مون چيو: مان الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اُمتي آهيان، مان سندن هڪ ننڍڙو غلام آهيان ۽ منهنجو دين ”اسلام“ آهي. راهب مون وٽ آيو ان پنهنجي مذهب کان توبہ ڪئي ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. پوءِ مون ان کي پاڻ سان گڏ دمشق وٺي آيس ۽ اُتان جي ماڻهن کي چيو: اي انسانو! پنهنجي هن نئين مسلمان جي خوب خيرخواهي ڪيو ۽ ان کي ڪنهن قسم جي پريشاني نہ ٿيڻ ڏجو. پوءِ مان ڪجھ ڏينهن دمشق ۾ رهيس ۽ اتان هليو ويس. اهو شخص هر وقت الله پاڪ جي عبادت ۾ مشغول رهندو هيو پوءِ جڏهن مان واپس آيس تہ ڪيس انهي حالت ۾ ڏٺو جو ان جو شمار اولياءِ ڪرام ۾ ٿيڻ لڳو.[1] الله پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ڪوئی اندازہ کر سکتا ہے اس کے زورِ بازو کا
نگاہِ مردِ مؤمن سے بدل جاتی ہیں تقدیریں

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب
صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] عيون الحكايات، 189/1ملخصاً

## حضرت شيخ شبلي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي ويجهو زڪوات جو نصاب

ابن ابشار ماڻهن کي حضرت شيخ شبلي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ وٽ ويهڻ ۽ سندن ڳاليهون ٻڌڻ کان منع ڪندو هيو، هڪ ڏينهن پاڻ ابن بشار سندن امتحان وٺڻ جي اِرادي سان حاضر ٿيو. ابن بشار چيو: پنج اٺن ۾ ڪيتري زڪوات آهي؟ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ خاموش رهيا، انهن باربار سوال ڪيو ته پاڻ فرمايائون ته شريعت جي مطابق هڪ ٻڪري واجب آهي جڏهن ته اسان جهڙن جي لاءِ حڪم آهي ته سيئي زڪوات ۾ ڏنو وڃي. ابن بشار پڇيو: هن باري ۾ اوهان جو ڪو امام آهي؟ فريائون: هائو، پڇيائين ڪير؟ فرمايائون: حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ چوته پاڻ سڄي جو سڄو مال خيرات ڪري ڇڏيو. حضور اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کين فرمايو ته پنهنجي اهل و عيال جي لاءِ ڪجهه ڇڏي آيو آهين؟ عرض ڪيائين: الله ۽ ان جو رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڇڏي آيو آهيان. ابن بشار هن حالت ۾ واپس موٽيو جو ان کان بعد ڪنهن کي به شيخ شبلي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي بارگاهه ۾ وڃڻ کان نه روڪيو. "[1]

میں سب دولت رہِ حق میں لٹادوں — شہا ایسا مجھے جذبہ عطا ہو

## چار هزار حديثن مان صرف هڪ حديث؟

حضرت شيخ شبلي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ چارسو عالم جي خدمت ۾ رهي ڪري علمِ دين حاصل ڪيو. پاڻ فرمائن ٿا: مون چار هزار حديثُون پڙهيون، پوءِ مون انهن مان هڪ حديث پاڪ کي منتخب ڪيو ۽ ان تي عمل ڪيو چوته مون هن حديث تي خوب غورو فڪر ڪيو ته عذاب الٰهي کان ڇوٽڪارو ۽ پنهنجي نجات ۽ ڪاميابي انهي ۾ ماٺي. اها حديث

[1] طبقات کبریٰ للشعرانی، 1/ 149

سگوري هيء آهي: رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجھ صحابہ ڪرام کي ارشاد فرمايو: جيترو دنيا ۾ رهڻو آهي اوترو دنيا جي لاءِ ۽ جيترو عرصو قبر و آخرت ۾ رهڻو آهي اوترو قبر ۽ آخرت جي تياري ۾ مشغول ٿي وڃو ۽ الله پاڪ جي لاءِ اوترو عمل ڪيو جيترو توهان ان جا محتاج آهيو ۽ جهنم جي باھ جي لاءِ اوترو عمل ڪيو جيترو توهان ۾ برداشت ڪرڻ جي طاقت آهي.[1]

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم جي خدمت ڪرڻ وارو

حضرت شيخ شبلي رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ مون مڪي ۾ هڪ اعرابي (يعني عرب شريف جي ڳوٺاڻي) کي صوفياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم جي خدمت ڪندي ڏٺو تہ ان جو سبب پڇيو: ان ٻڌايو: مان ويراني مان گذري رهيو هيس تہ مون هڪ غلام کي ڏٺو جيڪو پيرين ۽ مٿي اگهاڙو هيو. ان وٽ سفر جو سامان، پاڻي جو مشڪيزو وغيره ڪجھ بہ نہ هيو. مون پنهنجي دل ۾ چيو تہ مان ان سان ملان ٿو، جيڪڏهن هي بکيو هوندو تہ ان کي کاڌو کارائيندس ۽ جيڪڏهن اڃايل هوندو تہ پاڻي پياريندس. پوءِ مان ان جي پنيان پنيان هلڻ لڳس ايستائين جو اسان ٻنهي جي درميان هڪ هٿ جو فاصلو رهجي ويو، پر اچانڪ اهو مون کان پري ٿيڻ شروع ٿي ويو ايستائين جو منهنجي نظرن کان غائب ٿي ويو. مون دل ۾ سوچيو تہ شايد هي شيطان هيو. تہ هڪ آواز آيو: نہ! بلڪ هيءُ ديوانو هيو. مون بلند آواز سان التجاء ڪئي: اي فلاڻا! مان توکي ان ذات پاڪ جو واسطو ڏيان ٿو جنهن حضرت محمد مصطفيٰ

---

[1] ايہاالولد، ص 17

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي سچو نبي بڻائي موڪليو آهي، تُوري منهنجي ڳالهه ٻڌو: تہ ان فرمايو: اي جوان! تون پاڻ بہ ٿڪجي ۽ مون کي بہ ٿڪائي. مون چيو: مون اوهان کي اڪيلو ڏٺو تہ اوهان جي خدمت جي لاءِ حاضر ٿيس. ان فرمايو: جنهن سان خدا هجي اهو اڪيلو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مون پڇيو: مون کي اوهان وٽ ڪو سامان بہ نظر نہ آيو، تہ ان فرمايو: جڏهن مون کي بُک لڳندي آهي تہ ذڪر الٰهي منهنجو توشو بڻجي ويندو آهي. مون عرض ڪيو: مون کي بک لڳي آهي ماني ڪارايو. تہ انهن پڇيو: ڇا تون اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جون ڪرامتون ناهين مڃيندو؟ مون چيو: ڇونہ! پر مان دل جي اطمينان خاطر هي ڳالهيون پڇي رهيو آهيان. ان پنهنجو هٿ وارياسي زمين تي هنيو ۽ هڪ لپ ڀري منهنجي طرف وڌائي ۽ چوڻ لڳو: اي دوکو ڪائيندڙ! هي وٺ کاءُ. مون ڏٺو تہ اها مٽي لذيذ ترين سَتو بڻجي چڪي هئي، مون چيو: ڏاڍي لذيذ آهي! تہ ان چيو: ويراني ۾ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم کي اهڙيون ڪوڙ ساريون نعمتون حاصل آهن، جيڪڏهن تون سمجهين. مون عرض ڪيو: مون کي پاڻي بہ پياريو. تہ ان پنهنجو پير زمين تي هنيو تہ ماڪي ۽ پاڻي جو چشمو وهي نڪتو. مان پاڻي پيئڻ جي لاءِ چشمي تي ويهي رهيس، پوءِ جڏهن مان مٿو کنيو تہ اهو مونکي وري نظر نہ آيو، نہ ڄاڻ اهو ڪٿي غائب ٿي ويو. لهٰذا ان ڏينهن کان مان اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي خدمت ۾ مصروف آهيان شايد ان جهڙي ڪنهن ولي جي زيارت ڪري سگهان.[1] اللّٰه پاڪ جي اُنهن تي رحمت ٿئي ۽ اُنهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1] بحر الدموع، ص 74

## چڱو ڳالهائڻ خاموش رهڻ کان ڀلو آهي

”ڪشف المعجوب“ ۾ حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: هڪ ڀيرو حضرت ابوبڪر شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بغداد جي هڪ محلي کان گذري رهيا هئا تہ هڪ شخص کي ٻڌائين اهو چئي رهيو آهي: اَلسُّكُوْتُ خَيْرٌ مِّنَ الْكَلَامِ يعني خاموشي ڳالهائڻ کان بهتر آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان کي فرمايائون: ”تنهنجي ڳالهائڻ کان تنهنجو خاموش رهڻ چڱو آهي ۽ منهنجو ڳالهائڻ خاموش رهڻ کان ڀلو آهي.“[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رزق جي معاملي ۾ فڪرمند رهڻ واري کي خوبصورت جواب

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ هڪ شخص حاضر ٿيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو: ياسيّدي! منهنجا اهل و عيال وڏيڪ آهن ۽ رزق جا سبب گهٽ آهن. پاڻ فرمايائون: پنهنجي گهر ۾ داخل ٿي هر ان شخص کي باهر ڪڍي ڇڏ جنهن جو رزق تنهنجي سوچ جي مطابق تنهنجي ذمي تي هجي ۽ جنهن جو رزق الله پاڪ جي ذِمّےِ ڪرم تي هجي ان کي رهڻ ڏي.[2]

## وفات شريف جي وقت بہ سنت تي عمل

حضرت جعفر بن محمد بن نصير بغدادي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت شيخ شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خادم بَڪران دينوري کان پڇيو: ”وفات شريف جي وقت حضرت شيخ شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڇا ڪيفيت هئي؟“ جواب ڏنائين: ”پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايائون تہ هڪ شخص جو درهم منهنجي ذمي آهي جيڪو ظلم جي راهہ کان مون وٽ اچي ويو هيو حالانڪ مان ان جي مالڪ جي

[1] ڪشف المحجوب، ص 402ماخوذاً
[2] طبقات ڪبریٰ للشعرانی، 1/ 148

طرف کان هزارين درهم صدقو ڪري چڪو آهيان پر مون کي سيني کان وڌيڪ ان فڪر ورائي ورتو آهي.“ پوءِ ارشاد فرمايائون: ”مون کي نماز جي لاءِ وضو ڪرايو.“ مون وضو ڪرايو پر ڏاڙهي جو خلال ڪرائڻ ڀلجي ويس ۽ چوته ان وقت پاڻ ڳالهائي نه پئي سگهيا انهي ڪري منهنجو هٿ پڪڙي پنهنجي ڏاڙهي ۾ داخل ڪيو پوءِ سندن وصال ٿي ويو. هي ٻڌي ڪري حضرت جعفر رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه روئڻ لڳا ۽ فرمائڻ لڳا: توهان اهڙي شخص جي باري ۾ ڇا چوندؤ جنهن جي عمر جي آخري گهڙي ۾ به شريعت جو اَدب فوت نه ٿيو.“[1] جڻ پاڻ هن شعر جا عين مِصداق هئا.

تبليغ سنتوں کی کرتا رہوں ہمیشہ
مرنا بھی سنتوں میں ہو سنتوں میں جینا

(وسائلِ بخشش، ص 191)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب     صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## انتقال شريف

سندن انتقال شريف جمعة المبارڪ جي ڏينهن، 27 ذوالحجة الحرام 334ھ تي 88 سال جي عمر ۾ ٿيو. سندن مزار پُرانوار بغداد شريف ۾ آهي.[2]

## سچي اولادِ آدم جي طرفان جواب ڏنو.

انتقال شريف کان بعد ڪنهن خواب ۾ ڏسي ڪري ڪائنس سوال ڪيو ته منڪر نڪير کان اوهان ڪيئن ڇوٽڪارو حاصل ڪيو؟

[1] احياء العلوم، 233/5
[2] تذڪرهٔ مشائخ قادريه رضويه ، ص 210

فرمايائون: جڏهن مون کان سوال ڪيو ته تنهنجو ربّ ڪير آهي؟ ته مون جواب ڏنو: منهنجو ربّ اهو آهي جنهن آدم کي پيدا ڪري توکي ۽ ٻين ملائڪن کي سجدو ڪندي ڏسي رهيو هيو. هي جواب ٻڌي ڪري نڪيرين چيو: هن ته سڄي اولادِ آدم جي طرفان جواب ڏئي ڇڏيو ۽ هي چئي ڪري واپس هليا ويا.[1]

## ”ابوبڪر“ جي ڇهه حروف جي نسبت سان
## 6 فرامينِ شيخ شبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

(1) شڪر، نعمت کي سامهون رکڻ جو نالو ناهي، بلڪ نعمت عطا فرمائڻ واري کي سامهون رکڻ جو نالو آهي.[2]

(2) مسلمان جو جڏهن دنيا مان رخصت ٿيڻ جو وقت ايندو آهي ته ان جو رنگ پيلو ٿي ويندو آهي ڇوته اهو بارگاهه خداوندي ۾ بيهڻ کان ڊڄندو آهي مسلمان جڏهن پنهنجي قبر مان نڪرندو ته ان جو چهرو چمڪدار ۽ روشن هوندو.[3]

(3) برن ماڻهن جي صحبت جي نحوست سان نيڪ ٻانهن جي باري ۾ بدگماني پيدا ٿيندي آهي.[4]

(4) جيڪو تنهنجي لاءِ آهي اهو توکي ضرور ملندو ۽ جيڪو تنهنجو ناهي اهو ڪوشش کان به نه ملي سگهندو.[5]

(5) قرآن ڪريم جي نصيحتن مان فيض حاصل ڪرڻ جي لاءِ دل ايئن

---

[1] تذكرة الاولياء، 153/2
[2] رسالہ قشيريہ، ص 212
[3] طبقات كبرىٰ للشعرانى، 1/ 148
[4] الكواكب الدرية، 86/2
[5] شريف التواريخ،603/1


حاضر هجڻ گهرجي جو ان ۾ اک ڇنڀ برابر بہ غفلت نہ اچي.[1]

**(6)** حج جا ٻہ حرف آهن: پهريون "حا" ۽ ٻيو "جيم". "حا" مان مراد حلم ۽"جيم" مان مراد جُرم آهي. هن مان مراد هي آهي تہ ڄڻ ٻانهو چوندو آهي: اي منهنجا ربّ! مان تنهنجي حلم ۽ تنهنجي رحمت جي اميد کڻي تنهنجي بارگاهہ ۾ پنهنجي جرم سان گڏ حاضر آهيان جيڪڏهن تون بہ منهنجا جرم نہ بخشيدين تہ ڪير بخشيندو.؟[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] تفسير ثعلبى، پ 26، ق، تحت الآيت: 37، 106/9
[2] الروض الفائق، ص 57

## ايندڙ هفتي جو رسالو





عالمي مدني مركز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net